SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 1991

SINDH ACT NO.II OF 1991

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن ايڪٽ، 1991

THE SINDH INSTITUTE OF UROLOGY AND TRANSPLANTATION ACT, 1991

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

2. وصفون
Definitions

3. اداري جو قيام
Establishment of the Institute

4. اداري جا ڪم
Functions of the Institute

5. اداري جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of the Institute

6. بورڊ آف گورنرس جي جوڙجڪ
Constitution of the Board of Governors

7. بورڊ جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Board

8. چيئرمين جو هنگامي اختيار

Emergency Power of the Chairman

9. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

10. اداري جو ڊائريڪٽر

Director of the Institute

11. ڊائريڪٽر جا اختيار

Powers of the Director

12. اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

13. اداري ۾ ڪم ڪندڙ سرڪاري ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا وغيره

Terms and conditions of service, etc, of Government servants working in the Institute

14. اداري جي عملدارن ۽ اسٽاف جي مقرري ۽ شرط ۽ ضابطا

Appointments and terms and conditions of Officers and staff of the Institute

15. فنڊ

Fund

16. فنڊس جمع ڪرڻ

Crediting of the Funds

17. فنڊس جي سيڙپڪاري ۽ استعمال

Investment and Utilization of the Funds

18. اڪائونٽس سنڀالڻ ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ

Maintenance of Accounts and audit of accounts

19. رپورٽس ريٽرنس وغيره جمع ڪرائڻ

Submission of reports returns etc

20. ايڪٽ لاڳو ڪرڻ لاءِ رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties at the commencement of the Act
21. دائره اختيار تي پابندي
Bar on Jurisdiction
22. بورڊ ضمانت
Board Indemnity
23. ضابطا جوڙڻ جو اختيار
Power to make Regulations
24. 1990 جي سنڌ آرڊيننس VII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance VII of 1990

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 1991

SINDH ACT NO.II OF 1991

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن ايڪٽ، 1991

THE SINDH INSTITUTE OF UROLOGY AND TRANSPLANTATION ACT, 1991

[2 اپريل 1991]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن قائم ڪيو ويندو.

جيئن تہ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن قائم ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and Commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ 22 آڪٽوبر 1990 کان لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب اداري جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) "بورڊ" مطلب اداري جو بورڊ آف گورنرس؛

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(d) "ڊائريڪٽر" مطلب اداري جو ڊائريڪٽر؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "انسٽيٽيوٽ" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن؛

(g) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(h) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطن ۾ بيان ڪيل؛

(i) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا.

اداري جو قيام
Establishment of the Institute

3. (1) ادارو جنهن کي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن سڏيو ويندو، جيڪو ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۽ سول اسپتال ڪراچي جي يورولاجي ڊپارٽمينٽ جي ٻيهر جوڙجڪ ۽ ٻيهر انتظام ذريعي قائم ڪيو ويندو.

(2) انسٽيٽيوٽ هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي منقوله ۽ غير منقوله ٻنهي قسمن جي ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي اختيار سميت حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪو ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

اداري جا ڪم
Functions of the Institute

4. انسٽيٽيوٽ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(1) پيشاب سان لاڳاپيل بيمارين بشمول بڪين جي خراب ٿيڻ، ڊائلاسز يا ٽرانسپلانٽيشن جي، انهن جو علاج ڪرڻ ۽ انهن جي جاچ جي سلسلي ۾ جديد طبي سهولتون حاصل ڪرڻ؛

(2) مختلف يورولاجيڪل بيمارين کي ڳولڻ لاءِ طريقيڪار کي هٿي وٺرائڻ ۽ طريقن کي معياري بڻائڻ؛

(3) ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي جي ڪلينيڪل بيچز

۾ يورولاجي ۾ سرجري جي اصولن جي پڙهائي جو انتظام ڪرڻ؛

(4) پوسٽ گريجوئيٽ ٽيچنگ پروگرامس جو انتظام ڪرڻ جهڙوڪ يورولاجي، نيفرالاجي يا ٽرانسپلانٽيشن ۾ ايم ايس، ايم ڊي، ايف سي پي ايس، ايم سي پي ايس، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ۽ يورولاجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن جي ميدان ۾ ماهرن جي کوٽ کي گهٽائڻ؛

(5) يورولاجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن جي ميدان ۾ ٻنهي گريجوئيٽس ۽ پوسٽ گريجوئيٽس کي ٽيڪنيشنز سميت نرسنگ ۽ پيراميڊيڪل جي تربيت ڏيڻ؛

(6) يورولاجيڪل بيمارين ۾ تحقيق، سروي، تجربن ۽ مشاهدن کي هٿي وٺرائڻ، جيئن اهڙين بيمارين کان بچاءُ ڪري سگهجي يا ضابطو آڻي سگهجي؛

(7) تحقيقي، تدريسي مواد مقالا شايع ڪرائڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪم جيڪي اداري طرفان مڪمل ڪيا ويا هجن يا جيڪي ساڳئي قسم جي ٻئي ڪنهن اداري يا ايجنسي، مقامي يا پرڏيهي جي تعاون سان تيار ڪيا وڃن، يا ٻي صورت ۾ جيڪي اداري جي وسيع مفاد ۾ هجن؛

(8) قومي ۽ بين الاقوامي ايجنسين سان اداري جي سرگرمين موجب سينيمار ۽ ڪانفرنسون منعقد ڪرائڻ ۽ تعاون کي هٿي وٺرائڻ؛

(9) اهڙيون سموريون سرگرميون ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ جيڪي اداري جا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مددگار هجن.

5. اداري جي عام رهبري ۽ انتظاميه ۽ سمورا معاملا بورڊ اداري جي معاملن جو

سنڀاليندو جنهن کي بورڊ آف گورنرس سڏيو ويندو جيڪو اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا قدم کڻندو ۽ اهڙيون شيون ڪندو جيڪي اداري طرفان ڪيا ويندا.

انتظام
Administration of the affairs of the Institute

6. (1) بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

بورڊ آف گورنرس جي جوڙجڪ
Constitution of the Board of Governors

(1)سنڌ حڪومت جو صحت وارو وزير	چيئرمين
(2) يورولاجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن جي مريضن جي ڀلائي لاءِ سوسائٽيءَ جو صدر	وائيس چيئرمين
(3)سيڪريٽري صحت، حڪومت سنڌ	ميمبر
(4)سيڪريٽري ماليات، حڪومت سنڌ	ميمبر
(5)ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال	ميمبر
(6)ڪراچي يونيورسٽي جو هڪ نامزد ڪيل	ميمبر
(7) يورولاجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن جي مريضن جي ڀلائي لاءِ سوسائٽيءَ جا ٻه نامزد ڪيل	ميمبر
(8) اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ٻه نامزد ڪيل	ميمبر
(9) چيمبر آف ڪامرس، ڪراچي جو هڪ نامزد ڪيل	ميمبر
(10)پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ڪراچي برانچ جو هڪ نامزد ڪيل	ميمبر
(11)حڪومت طرفان نامزد ڪيل هڪ سرگرم صحافي	ميمبر
(12) ڊائريڪٽر	ميمبر/

	سيڪريٽري
(13) ميئر ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن	ميمبر
(13)صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٻه ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ جي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيا ويندا.	ميمبر

(2)بورڊ پاڻ سان اهڙا ٻيا ماهر کڻي سگهي ٿو جيڪي اهو ضروري سمجهي.

(3)ايڪس آفيشو ڪانسواءِ ميمبر پنهنجي عهدي تان حڪومت کي هٿ لکت ذريعي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ ان کانپوءِ سندس عهدو خالي ٿي ويندو.

(4) جيستائين ميمبر جو عهدو خالي ٿي وڃي يا حڪومت طرفان اڳ ۾ هٽايو وڃي، ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ميمبرن جي عهدي جو مدو ٽي سال هوندو.

(5) جڏهن ڪو ماڻهو خالي ٿيل جاءِ تي ميمبر طور مقرر ڪيو وڃي ٿو، اهو اهڙي ميمبر جي رهيل مدي تائين عهدو رکي سگهندو.

بورڊ جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Board

7. (1) بورڊ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ضابطن موجب، اداري جي سلسلي ۾ انتظامي ۽ مالياتي اختيار استعمال ڪندو، جيئن بهتر ۽ جوڳي نموني ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري هجي.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، بورڊ کي هيٺيان اختيار هوندا:

(i) اداري جي ملڪيت، فنڊس ۽ وسيلن کي سنڀالڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ اداري جي مقصد لاءِ رقم اڌاري وٺڻ يا

گڏ ڪرڻ؛

(ii) اداري مٿان نظرداري ۽ سمورو ضابطو رکڻ؛

(iii) سالياني تحقيقي پروگرام، سالياني رپورٽن ۽ اداري جي اڪائونٽس جي آڊٽ ڪيل اسٽيٽمينٽس جو جائزو وٺڻ؛

(iv) اداري جون اهڙيون تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جون جايون پيدا ڪرڻ، ملتوي ڪرڻ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(v) ڊائريڪٽر مقرر ڪرڻ؛

(vi) ڊائريڪٽر سميت اداري جي تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جا شرط ۽ ضابطا بيان ڪرڻ؛

(vii) سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٽن جو جائزو وٺڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽ فنڊس جي هڪ مد مان ٻي مد ۾ خرچ ڪرڻ ۽ آڊيٽر مقرر ڪرڻ؛

(viii) اداري طرفان حاصل ڪيل ۽ خرچ ڪيل سمورين رقمن بابت اڪائونٽس جا ڪتاب ناهڻ ۽ اداري جي اثاثن ۽ وسيلن لاءِ ڪتاب ناهڻ؛

(ix) طريقيڪار لاءِ پنهنجا قاعدا جوڙڻ؛

(x) ضابطا جوڙڻ؛

(xi) ڪميٽيون ۽ ذيلي ڪميٽيون جوڙڻ جيئن هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛

(xii) پنهنجا ڪي به اختيار ڊائريڪٽر حوالي ڪرڻ، سواءِ بجيٽ ڪاٽا منظور ڪرڻ وارن اختيارن جي.

چيئرمين جو هنگامي اختيار Emergency

8. چيئرمين، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جتي سندس خيال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، ان ڪانپوءِ جيترو جلدي ٿي

سگهي ان قدم بابت بورڊ کي آگاهه ڪندو.

Power of the Chairman

بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

9. (1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ ٻه ڀيرا گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينن جي وقفي سان اهڙين تاريخن تي گڏجاڻي ڪندو جيڪي ڊائريڪٽر طرفان چيئرمين جي مشوري سان طئي ڪيون وڃن.

بشرطيڪ چيئرمين ڪنهن به وقت گڏجاڻي ڪوٺائي سگهي ٿو.

(2) چيئرمين گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(3)چيئرمين جي غير حاضري ۾، گڏجاڻيءَ جي صدارت وائيس چيرمين ڪندو ۽ ٻنهي جي غير حاضري ۾، ميمبر صدارت ڪندو، جيڪو موجود ميمبرن طرفان مقرر ڪيو ويندو.

(4) گڏجاڻيءَ جو ڪورم سمورن ميمبرن جي هڪ ڀاڱي ٽي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي پر ڪورم پورو نه هئڻ سبب ملتوي ڪيل گڏجاڻي ڪوٺائڻ لاءِ ڪو به ڪورم ضروري نه هوندو.

(5)ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ چيئرمين کي هڪ ووٽ حاصل هوندو.

(6) بورڊ جو سيڪريٽري گڏجاڻيءَ جا منٽ رڪارڊ ڪندو، جيڪي ايندڙ گڏجاڻيءَ دوران تصديق لاءِ پيش ڪندو.

اداري جو ڊائريڪٽر

Director of the Institute

10. ڊائريڪٽر بورڊ طرفان بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جنهن وٽ پاڪستان جي قانون موجب قائم ڪيل يونيورسٽي جي بيان ڪيل قابليت رکندو هجي يا عالمي ساک رکندڙ يونيورسٽي جي قابليت رکندو

هجي ۾ وٽس ڄاتل سڄاتل يونيورسٽي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه سالن جو يورولاجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن سان لاڳاپيل ٽيچنگ ڪورسز پڙهائڻ جو تجربو هجي:

بشرطيڪ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن آرڊيننس، 1990 (1990 جو سنڌ آرڊيننس نمبر III) لاڳو ٿيڻ کان اڳ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ يورولاجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر جو عهدو رکندڙ شخص اداري جو پهريون ڊائريڪٽر هوندو.

ڊائريڪٽر جا اختيار
Powers of the Director

11. (1) ڊائريڪٽر اداري جو تعليمي ۽ ايگزيڪيوٽو هيڊ هوندو ۽ اهو هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ضابطن موجب اداري جا معاملا هلائيندو ۽ ان کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا ۽ هيٺيان ڪم ڪري سگهندو:

(i) اداري جا رڪارڊ ۽ مهر جو قبضو رکڻ؛

(ii) اداري ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي ماهوار پگهارن ۽ الائونسز جي ادائگي لاءِ بااختيار بڻائڻ؛

(iii) بجيٽ ڪاٽا ۽ سپليميٽري بجيٽ ڪاٽا تيار ڪرڻ ۽ اهي ساڳيا بورڊ جي سامهون منظوري لاءِ رکڻ؛

(iv) بجيٽ جي مد ۾ منظور ٿيل ۽ بااختيار بڻايل بلس جي ادائگي جي منظوري ڏيڻ؛

(v) بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪرڻ ۽ بورڊ ۽ ان جي ڪميٽين جي گڏجاڻين جا چيئرمين جي مشاورت سان نوٽيس جاري ڪرڻ ۽ گڏجاڻين جا منٽس ۽ رڪارڊ ۽ ڪارروايون سنڀالڻ؛

(vi) بورڊ جي فيصلن تي عملدرآمد لاءِ قدم کڻڻ؛

(vii) سالياني بجيٽ تيار ڪرڻ ۽ پيش ڪرڻ؛

(viii) اداري جي سموري ذميواري کڻڻ؛

(ix) بورڊ جي طرفان سمورا معاهدا ۽ دستاويز سنڀالڻ؛ ۽

(x) ٻيون ذميواريون ادا ڪرڻ، جيڪي بورڊ طرفان ڪيس سونپيوبون وڃن.

(2) ڊائريڪٽر بورڊ طرفان جوڙيل ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي جو ايڪس آفيشو ميمبر هوندو.

(3) ڊائريڪٽر هر ڪنهن ڪيس ۾ يا گهٽ ۾ گهٽ اڳ ۾ بجيٽ ۾ منظور ٿيل اسمن ڪانسواءِ سول ورڪ جي يا ساز و سامان يا آٽو موبائيل تي ٿيندڙ ڪيپيٽل ايڪسپينڊيچر تي خرچ جي وڌيڪ اجازت نہ ڏيندو جنهن تي اڳ ۾ بورڊ منظوري ڏني آهي.

(4) ڊائريڪٽر پنهنجا ڪي بہ اختيار ڪنهن ٻئي عملدار يا اداري جي ڪميٽي کي منتقل ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

12. (1) اداري کي هڪ اڪيڊمڪ ڪائونسل هوندي جيڪا اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي جيڪي هن ايڪٽ يا ضابطن تحت جوڙيل بورڊ طرفان ان کي سونپيا وڃن.

(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) ڊائريڪٽر	چيئرمين
(ii) ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال	ميمبر
(iii) اداري جا سمورا پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس	ميمبر

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل اهڙا ٻيا ماهر پاڻ سان کڻي سگهي ٿي، جيئن اها ضروري سمجهي.

(4) ڪائونسل جون گڏجاڻيون جيترو مناسب ٿي سگهي

آزاداڻي نموني ڪوٺايون ويندیون، پر سال ۾ چار دفعا کان گهٽ نہ.

(5) گڏجاڻيءَ جو ڪورم اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ڪل ميمبرز جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

اداري ۾ ڪم ڪندڙ سرڪاري ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا وغيره

Terms and conditions of service, etc, of Government servants working in the Institute

13. (1) سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن آرڊيننس، 1990 (1990 جو سنڌ آرڊيننس نمبر III) لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي يورولاجي ڊپارٽمينٽ ۾ سرڪاري ملازم طور ڪم ڪندڙ سمورن ماڻهن جي ملازمت جي اداري ڏانهن بدلي ٿي ويندي.

بشرطيڪ اهڙا ماڻهو:

(i) سرڪاري ملازم رهندا؛

(ii) اداري طرفان اداري تحت خدمت جي عرصي لاءِ پگهار ۽ الائونس حاصل ڪندا، جيڪا انهن کي اداري ڏانهن بدلي کان اڳ ملندڙ کان گهٽ نہ هوندي؛

(iii) اهڙن ضابطن تحت هلايا ويندا، جيئن اداري حڪومت جي منظوري سان جوڙي؛ بشرطيڪ اهي ضابطا انهن جي اداري ڏانهن بدلي کان اڳ وارن ضابطن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا.

(2) ادارو ذيلي دفعہ (1) تحت بدلي ٿيل ماڻهن جي ملازمت جي سلسلي ۾:

(i) اهڙا سمورا انتظامي ۽ مالياتي اختيار استعمال ڪندو جيڪي حڪومت طرفان استعمال لائق هجن يا حڪومت جي ماتحت ڪنهن اٿارٽي جي استعمال لائق هجن؛ ۽

(ii) ڪنهن اهڙي شخص خلاف انتظامي ڪارروائي ڪندو

۽ اهڙي شخص خلاف معاملو وڌيڪ قدم کڻڻ لاءِ حڪومت ڏانهن اماڻيندو.

(3) اهو شخص جنهن جي ملازمت اداري ڏانهن ذيلي دفعہ (1) تحت منتقل ڪئي وئي آهي، ان کي حڪومت طرفان ملازمت جون ملندڙ سموريون سهولتون، بشمول اداري تحت خدمت جي، پينشن ۽ ان تي لاڳو ٿيندڙ قاعدن موجب پينشن جي رقم:

بشرطيڪ ادارو اهڙي هر شخص لاءِ حڪومت کي اهڙي رقم برابر رقم ادا ڪندو جيڪا ان شخص جي اداري ۾ ملازمت عيوض ٿوٿل رقم جي برابر هوندي.

(4) پينشن ۽ پينشن جي ڪميوشن جي رقم اداري جي اهڙي عملدار طرفان منظور ڪئي ويندي، جيڪو ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان بااختيار بڻايو ويو هجي:

بشرطيڪ جيڪڏهن پينشن گهٽائي وڃڻي آهي تہ اهڙي پينشن جاري ڪرڻ کان اڳ اهڙو عملدار حڪومت کان زباني حڪم وٺندو.

(5) اهڙن ماڻهن جا جنرل پرووِيڊنٽ فنڊ اڪيوميوليشنز جن جي ملازمت جي ذيلي دفعہ (1) تحت اداري ڏانهن بدلي ڪئي وئي آهي حڪومت وٽ ئي رهندا ۽ اهي پرووِيڊنٽ فنڊ اڪائونٽ ڏانهن حصو وجهڻ جاري رکندا:

بشرطيڪ اهڙي فنڊ مان عارضي ايڊوانس اداري طرفان انهن تي لاڳو قاعدن موجب جاري ڪيا ويندا.

اداري جي عملدارن ۽ اسٽاف جي مقرري ۽ شرط ۽ ضابطا

14. (1) ادارو پنهنجي ڪمن جي بهتر ادائگيءَ لاءِ اهڙا عملدار ۽ عملو اهڙي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل يا منسٽيريل قابليت ۽ تجربو رکندڙ مقرر ڪري سگهي ٿو اهڙي طريقي ۽

Appointments and terms and conditions of Officers and staff of the Institute

اهڙن شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) عملدار ۽ عملو اهڙي انتظامي ڪارروائيءَ جا مستحق هوندا ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

فنڊ
Fund

15. (1) اداري جو هڪ ڌار فنڊ هوندو جنهن کي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن فنڊ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن طرفان حاصل ڪيل گرانٽس ۽ سبسڊي؛

(b) عطيا ۽ انڊومينٽس؛

(c) سيڙپڪاري ۽ ڊپازٽس ذريعي ڪمائي؛

(d) اداري طرفان گڏ ڪيل قرض يا حاصل ڪيل امداد؛

(e) اداري جي اشاعتن تي فيس، رائلٽيز ۽ اداري طرفان ڏني ويندڙ خدمتن تي ٻيون چارجز؛

(f) ڪنهن مقامي اٿارٽي طرفان جاري ڪيل گرانٽس؛ ۽

(g) پاڪستان جي ڪنهن ڊونر ايجنسي يا پرڏيهي ساک جي ڊونر ايجنسي کان حاصل ڪيل سموريون رقمون.

فنڊس جمع ڪرڻ
Crediting of the Funds

16. فنڊ ۾ جمع ڪيل رقمون بورڊ طرفان منظور ٿيل ڪنهن شيڊول بئنڪ ۾ جمع ڪيون ويندیون.

فنڊس جي سيڙپڪاري ۽ استعمال
Investment and

17. بورڊ پنهنجا فنڊس وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي ۾ سيڙائيندو يا حڪومت طرفان منظوري ڏنل ٻي ڪنهن سڪيورٽي ۾ سيڙائيندو.

Utilization of the Funds

18. (1) بورڊ اداري جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت هلائيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

اڪائونٽس سنڀالڻ ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ

Maintenance of Accounts and audit of accounts

(2) اڪائونٽس بورڊ طرفان مقرر ڪيل چارٽرڈ اڪائونٽنٽ طرفان سال ۾ هڪ دفعو آڊٽ ڪيا ويندا.

(3) اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ ۽ ان سلسلي ۾ آڊٽ رپورٽ آڊيٽر طرفان غور لاءِ بورڊ کي جمع ڪرائي ويندي، اهڙي قدم لاءِ جيئن اهو ضروري سمجهي.

رپورٽس ريٽرنس وغيره جمع ڪرائڻ

Submission of reports returns etc

19. ڊائريڪٽر حڪومت کي اهڙا سلسليوار ريٽرنس، سالياني رپورٽون، اڪائونٽس، اسٽيٽمينٽ اسٽيٽسٽڪس يا معلومات جمع ڪرائيندو، جيڪا حڪومت طرفان طلب ڪئي وڃي.

ايڪٽ لاڳو ڪرڻ ۾ رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties at the commencement of the Act

20. جيڪڏهن هن آرڊيننس جي گنجائشن جي شروعاتي طور لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، حڪومت ڊائريڪٽر جي سفارش تي يا ٻي صورت ۾ اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ خاص هدايت جاري ڪري سگهي ٿي.

دائره اختيار تي پابندي

Bar on Jurisdiction

21. هن ايڪٽ تحت سني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي ڪارروائي هلائڻ، ڪو فيصلو ٻڌائڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو دائره اختيار نه هوندو.

بورڊ ضمانت

22.هن ايڪٽ تحت سني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا

Board Indemnity	ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو مقدمو يا ڪا قانوني ڪارروائي حڪومت، بورڊ يا ڪنهن شخص خلاف نه ٿيندي.
ضابطا جوڙڻ جو اختيار Power to make Regulations	23. بورڊ حڪومت کان سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اڳواٽ منظوري بعد، هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن ايڪٽ سان لاڳاپيل ضابطا جوڙي سگهي ٿو.
1990 جي سنڌ آرڊيننس VII جي منسوخي Repeal of Sindh Ordinance VII of 1990	24. سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن آرڊيننس، 1990 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.